الطاف حسين جوکيو

# سنڌي ٻوليءَ ۾ حرف اضافت بدران ڪم ايندڙ 'سُر اضافت' (Genitive vowel) جو اڀياس


***Abstract:***

**The study of Sindhi Genitive Vowel for indicating possession or quality**

When we study the possessive or genitive case, we show the relation of Noun or Pronoun to another Noun or quality by using possessive syntax. This is used to show the possession or quality by using the words ' جو' يا 'جي'، 'جا'، 'جون'، 'سندو'، 'وارو' in Sindhi.

In Arabic or Persian we do not see such kind of usage, instead they use possessive diacritical mark (زير اضافت) still there is a difference of usage.

In Urdu there is the concept of possessive word ((کا، کے، کی) because its basic structure is closely associated with Hindi; due to influence of Arabic and Persian it also carries same pattern of possessive diacritical mark Zair-e-Izafat (زیرِ اضافت.) In English the preposition 'of' performs the same function, still apostrophe and 's' is widely used; apart from these, no special word or diacritical mark is used to show possession. Although Sindhi is influenced by many languages it has its unique structure. It modifies the borrowed rules as all the developing languages do throughout the world. There are two parts of possessive or genitive structure: Genitive and Added. Every language has its own Genitive and Added pattern; as:

**English:**
- Book of Aslam (Added + Genitive)
- Aslam's Book (Genitive + Added)
- Human Development (Genitive + Added)

**Arabic:**
- [طالبُ العلمِ Talib ul ilme] (Added + Genitive)

**Persian:**
- [طالبِ علم Talib e ilm] (Added + Genitive)

**Sindhi:**
- [جي ماءُ گھوٽَ Ghot'a ji maau] (Genitive + Added)
- [ماءُ گھوٽَ Ghot'a maau] (Genitive + Added)







There are two patterns of Sindhi Genitive possessive syntax: the Genitive stands first then Added and vice versa. If the Added stands first, it is said to be the influence of Arabic and Persian Genitive syntax. It is a unique characteristic of Sindhi language that last consonant of every word is stressed with short vowel; that's why singular-plural, Masculine-Feminine, Nominative-accusative and also Genitive cases depend on Short vowel. In Sindhi Genitive syntax the concept of Genitive vowel (diacritical mark: Zabar) is found. The study aims to find out if there Is any other vowel to function as genitive syntax like Zabar.


## مسئلي جو بيان:

اسم جي حالتن ۾ 'حالت اضافت' جو بيان عام طور تي پڙهندا ۽ پڙهائيندا رهيا آهيون؛ يعني جملي جو اهڙو ڀاڱو جنهن جي لفظي ترڪيب ۾ اسم يا ضمير جو لاڳاپو ڪنهن اسم يا صفت سان ڏيکاريو ويندو آهي. ان لاڳاپي ۾ حرف جر: 'جو'، 'جي'، 'جا'، 'جون'، 'سندو' يا 'وارو' جا لفظ مالڪي يا خاصيت ڏيکارڻ لاءِ ڪم آندا ويندا آهن. عربي ۽ فارسيءَ ۾ اهڙن لفظن جو تصور ڪونهي، ان ڪارڻ 'زير اضافت' کان ڪم ورتو ويندو آهي؛ البت، انهن جي استعمال جو فرق آهي. اردو جو بنيادي ڍانچو ساڳيو هندي وارو آهي، ان لاءِ ان ۾ پڻ 'حرف اضافت' جو تصور موجود آهي؛ البت، فارسي ۽ عربيءَ جي صرف/ لفظن/ ترڪيبن جي اثر وٺڻ سبب 'زير اضافت' کان عام جام ڪم ورتو ويندو آهي. انگريزيءَ جي ترڪيب ۾ حرف اضافت (of) جو تصور هوندي بہ 'Apostrophe' ۽ 's' کان بہ ڪم ورتو ويندو آهي؛ ان کان علاوه انهن ٻنهي کان سواءِ، بغير ڪنهن اضافي سُر (vowel) جي، پڻ اضافت جو مفهوم ورتو ويندو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جو پنهنجو هڪ نرالو مزاج آهي، جنهن سبب ڪافي ٻولين جا اثر ضرور ورتا آهن، پر انهن کي پنهنجائڻ لاءِ پنهنجي اصولن ۾ بہ ڦيرائي ٿي. اهو دنيا جي مڙني وسعت پسند ٻولين جو انداز رهيو آهي.

اضافت واري ترڪيب ۾ ٻہ حصا ليکيا ويندا آهن، هڪ: مضاف (لاڳاپو رکندڙ لفظ)، ٻيو: مضاف اليه (جنهن ڏانهن لاڳاپي جو اشارو هجي). ان نسبت مختلف ٻولين جا 'مضاف' ۽ 'مضاف اليه' اڳتي پوئتي رهن ٿا؛ جيئن:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**عربي:** طالبُ العلمِ (مضاف + مضاف اليه)

**فارسي:** طالبِ علم (مضاف + مضاف اليه)

**انگريزي:**

Book of Aslam {مضاف (Added) + مضاف اليه (Genitive)}

Aslam's Book {مضاف اليه (Genitive) + مضاف (Added)}

Human Development {مضاف اليه (Genitive) + مضاف (Added)}

**سنڌي:**

گهوٽَ جي ماءُ (مضاف اليه + مضاف)

گهوٽَ ماءُ (مضاف اليه + مضاف)

جيئن تہ سنڌي اضافت ترڪيب ۾ پهريائين 'مضاف اليه' بعد ۾ 'مضاف' ايندو آهي، ان صورت ۾ اهڙي ترڪيب جنهن ۾ پهريائين 'مضاف' ۽ بعد ۾ 'مضاف اليه' سامهون اچي ٿو، تنهن کي فارسي يا عربي ترڪيب جو اثر چيو وڃي ٿو.

نرالي خاصيت موجب، سنڌي ٻوليءَ جي هر لفظ جو آخري وينجن (Consonant) ڇوٽي يا ڊگهي سُر (Vowel) سان متحرڪ ٿئي ٿو. اسان جو مذڪر- مؤنث، جمع- واحد ۽ فاعلي- مفعولي توڙي اضافت جون حالتون آخري ڇوٽي سُر تي مدار رکن ٿيون، ان صورت ۾ حرف اضافت کان سواءِ 'زبر اضافت' جو تصور بہ ملي ٿو. اهڙي اضافت کان علاوه سنڌي اضافت ترڪيب ۾ ٻيا سُر (Vowels) بہ ڪم اچن ٿا، اهڙو ڪجهہ اڀياس مان ئي معلوم ٿي سگهي ٿو.

## مسئلي جا سوال:

سنڌي اضافت ترڪيب ۾ پهريائين 'مضاف اليه' بعد ۾ 'مضاف' ايندو آهي؛

جنهن سنڌي ترڪيب ۾ 'مضاف' بعد 'مضاف اليه' هجي تہ ڇا ان تي فارسي يا عربي اثر سمجهيو ويندو؟

ڇا سنڌي ترڪيب اضافت ۾ حرف اضافت 'جو' کان سواءِ 'اعرابن' جو استعمال بہ ٿئي ٿو؟

سنڌي ترڪيب ۾ 'زبر اضافت' جو تصور ملي ٿو، اهڙي تشريحي اصطلاح ۽ تصور جي وضاحت تي ڪهڙن عالمن ڪم ڪيو آهي؟





## سنڌي ٻوليءَ ۾ حرف اضافت جو دائرو (عالمن جي نظر ۾):

حرف اضافت مان مراد اهڙو اعراب جيڪو اسم يا ضمير جي خاصيت، عمل يا ٻئي اسم جي وچ ۾ لاڳاپي ڏيکارڻ لاءِ حرف جر: 'جو'، 'جا'، 'جون' يا 'سندو' وغيره ڪم آندو وڃي.

### اٻڙو عبدالرحيم ارشد:

اٻڙو عبدالرحيم ارشد ان حوالي سان مختصر ۽ جامع ڄاڻائي ٿو تہ: "اهڙا اسم، جن جي پويان ڪوبہ حرف جر استعمال ٿيل هجي ۽ سندس لاڳاپو ٻئي پر واري اسم سان مالڪيءَ ۽ ملڪيت بابت ڏيکاريل هجي تہ ان جي حالت اضافت چئبي. مثال: **هيءَ رياست عليءَ جي بندوق آهي.** ان جملي ۾ 'جي' حرف جر 'رياست علي' اسم جو تعلق 'بندوق' اسم سان مالڪيءَ بابت ڏيکاري ٿو."[1]

### مرزا قليچ بيگ:

حرف اضافت بابت مرزا قليچ بيگ ڄاڻائي ٿو تہ: "حالت اضافت، جا جملي ۾ انهيءَ اسم جي حالت آهي، جنهن جي پٺيان حرف 'جو' اچي ٿو ۽ جو انهيءَ جي ٻئي ڪنهن لفظ سان نسبت يا ڪنهن ٻئي لفظ جي ملڪيت ڏيکاري ٿو، جيئن تہ: هي احمد جو ڪتاب آهي. هتي اسم احمد جي پٺيان حرف 'جو' آيو آهي ۽ اهو احمد ۽ ڪتاب جو لاڳاپو ٿو ڏيکاري. يعني تہ اهو ڪتاب احمد جي ملڪيت آهي. انهيءَ ڪري ڪتاب کي 'مضاف' ٿا چون ۽ احمد کي 'مضاف عليه' ۽ 'جو' کي 'حرف اضافت' ٿا چون. 'جو' حرف جي بدران سندو يا وارو يا اهڙو ڪو لفظ بہ اچي سگهي ٿو."[2]

### پيرومل آڏواڻي:

حرف اضافت جي وضاحت ۾ پيرومل آڏواڻي صاحب ڄاڻائي ٿو تہ: "گوبند جو ڪتاب ڦاٽي پيو. هتي 'جو' لفظ گوبند ۽ ڪتاب جي وچ ۾ مالڪيءَ جو لاڳاپو ڏيکاري ٿو ... اهڙيءَ طرح 'جو'، 'سندو'، 'وارو' لفظ اضافت يا لاڳاپي ڏيکارڻ لاءِ ڪم ايندا آهن."[3]

پيرومل صاحب فوٽ نوٽ ۾ وضاحت ڪندي ڄاڻائي ٿو تہ: "عربي ۽ فارسي ٻولين جي گرامرن موجب گوبند چئبو مضاف اليہ يعني اهو جنهن سان ڪجهہ لاڳو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هجي، ڪتاب چئبو مضاف يعني لڳل يا ڳنڍيل ۽ 'جو' چئبو حرف اضافت، پر هلندڙ رواج موجب حرف جر سڏجي ٿو."[4]

حرف اضافت بدران استعمال بابت پيرومل وضاحت ڪري ٿو ته: " گهوٽَ ماءُ ڪان اهنرَ ماءُ تکڙي. هتي 'گهوٽَ ماءُ' معنيٰ 'گهوٽَ جي ماءُ' ۽ 'اهنرَ ماءُ' معنيٰ اهنر جي ماءُ. هتي نڪي حالت اضافت نڪي جري چوڻ گهرجي پر 'گهوٽ ماءُ' ۽ 'اهنر ماءُ' اهي مرڪب لفظ ليکڻ گهرجن. ساڳيءَ طرح 'مير بحر' مرڪب لفظ آهي جيتوڻيڪ معنيٰ اٿس بحر (سمنڊ) جو امير.

سوريءَ چڙهڻ سيج پسڻ، ايءُ ڪم عاشقن. (شاه)

هتي 'ايءُ' ڪمُ عاشقن معنيٰ هيءُ عاشقن جو ڪم، هتي 'جو' لفظ ڳجهو رهيو آهي.

جتي ماٽڪ ماڳ، تتي چوران تڪيو. (شاه)

هتي 'ماٽڪَ ماڳ' معنيٰ 'ماٽڪ جو ماڳ' ۽ چوران تڪيو معنيٰ 'چورن جو تڪيو' (ماڳ). اهڙيءَ طرح جو اسم لاڳاپو ڏيکاري ۽ جنهن سان لاڳاپو ڏيکاري سي ٻئي ڳنڍي بيهاريا آهن ته 'جو' لفظ ڪم آڻڻ جو ضرور ڪونه ٿيندو آهي. 'پٽم' معنيٰ 'منهنجو پٽ'. اهڙيءَ طرح ضميري پڇاڙي ڳنڍبي ته اضافت جي معنيٰ پاڻ ڪان پاٽيهي ظاهر ٿيندي."[5]

## اخذ ٿيندڙ نڪتو:

ڪاڪي پيرومل جيڪا وضاحت ڪئي آهي ۽ عام مثالن سان شاه جي بيت مان مثال (ڪمُ عاشقن، ماٽڪَ ماڳ ۽ چوران تڪيو) ڏنا آهن تن مان پتو پوي ٿو ته حرف اضافت جي بدران مختلف سُر/اعراب (اُ، اَ ۽ آن) به ڪم آندا وڃن ٿا. اهڙو انداز شاعريءَ ۾ ته ڪم اچي ٿو، ليڪن عام ٻوليءَ ۾ ان جي استعمال ڏانهن به پيرومل آڏواڻيءَ هڪ اشارو ڏنو آهي: 'گهوٽَ ماءُ يا اهنرَ ماءُ'. جنهن مان خيال جڙي ٿو ته حرف اضافت ڪان سواءِ به مرڪب لفظ جڙن ٿا جنهن ۾ 'اضافت' جو تصور حاصل ٿئي ٿو، جنهن ڪي مرڪب اضافت چئي سگهجي ٿو.

## ڊاڪٽر غلام علي الانا:

ڊاڪٽر غلام علي الانا 'اضافت' جي حوالي سان اسم جي 'حالت اضافت'





۾ ڪجهه جملا ۽ انهن جي اڪيڙ ڏيندي ڄاڻائي ٿو ته:

"1. هيءُ اڪبرَ جو ڪتابُ آهي.

2. هيءُ سونَ جي زنجير آهي.

3. تو وارو ڀاءُ ڪٿي آهي؟

4. توهان سندو دوست هزارن ۾ ڪو هڪڙو آهي.

5. استاد جو خط آيو آهي.

مٿي ڏنل جملن ۾ 'جو'، 'جي'، 'وارو' ۽ 'سندو' لفظ، حرف اضافت طور ڪم آيا آهن ۽ 'اڪبر، سونَ، تو، توهان ۽ استاد' اسمن ۽ ضميرن سان مالڪيءَ جو لاڳاپو ڏيکارن ٿا."[6]

حرف اضافت بابت الانا صاحب وڌيڪ ڄاڻائي ٿو ته:

"انهيءَ ڪري اهو ياد رکڻ گهرجي ته ڪنهن به فقري يا جملي ۾ جنهن به اسم يا ضمير جي فوراً پٺيان مالڪي يا اضافت ڏيکاريندڙ لفظ، جهڙوڪ: 'جو' 'جا'، 'جون'، 'وارو' يا 'سندو' ڪم آيا هجن ته اهڙن اسمن يا ضمير جي 'حالت اضافت' ٿيندي."[7]

سنڌي ٻوليءَ ۾ پيرومل آڏواڻيءَ جي مثالن آڌار، زبر اضافت جي استعمال بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا ڄاڻائي ٿو ته:

"(i) اهو نوٽ ڪرڻ گهرجي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا فقرا يا مرڪب اسم به هوندا آهن، جن جي سٽاءَ يا رچنا ۾ حرف اضافت 'جو' يا 'جي' وغيره، 'زبر اضافت' ۾ تبديل ٿي ويندا آهن؛ جيئن:

| حرف اضافت جو استعمال 'جو' يا 'جي' | حرف اضافت جي زبر اضافت ۾ تبديل ٿيڻ |
| --- | --- |
| گهوٽَ جو پيءُ | گهوٽَ پيءُ |
| گهوٽَ جي ماءُ | گهوٽَ ماءُ |

(نوٽ: امڪان آهي ته تبديل ٿيڻ وارن مثالن ۾ 'گهوٽَ جو پيءُ يا ماءُ' وارا مثال پروف جي غلطيءَ سبب ان ڪتاب ۾ اچي ويا آهن، جن جي درست صورت 'گهوٽَ پيءُ' ۽ 'گهوٽَ ماءُ' بيهندي.)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(ii) اهڙيءَ طرح هيٺ ڏنل فقرن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي فقرن جي گهاڙيٽن تي فارسي زبان جي وياڪرڻي ساخت جي اثر جي ڪري، تبديلي ٿي آهي؛ مثال طور:

| سنڌي ٻوليءَ ۾ حرف اضافت جو استعمال | فارسي ٻوليءَ جي اثر جي ڪري تبديلي |
|---|---|
| محمد خان جو ٽنڊو | ٽنڊه محمد خان/ ٽنڊو محمد خان |
| آدم جو ٽنڊو | ٽنڊو آدم |

اهڙيءَ طرح فارسي زبان جي وياڪرڻي اثر جي ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي حرف اضافت ۾ آيل تبديلين جا ٻيا مثال هي آهن:

ڳڙهي ياسين، مير بحر، ٽڙ خواجا، ڳڙهي خدا بخش.

(اسلام ڪوٽ ۾ ڄاڻايل فارسي ترڪيب ڪونہ ٿي ٻيهي، ڇاڪاڻ تہ هن ۾ 'مضاف اليه' اڳيان اچي ٿو، ياد رهي تہ فارسي ترڪيب ۾ 'مضاف' اڳيان ايندو آهي.)

(iii) شاه لطيف جي رسالي ۾ حرف اضافت جي استعمال جا اهڙا انيڪ، انوکا مثال ملن ٿا؛ مثال طور[8]:

| شاه سائينءَ جي بيت جي سٽ | حرف اضافت جي استعمال جي سمجهاڻي |
|---|---|
| سوريءَ چڙهڻ، سيجَ پسڻ، اي ڪم عاشقن* | هن مصرع ۾ 'سوريءَ چڙهڻ مان مراد آهي 'سوريءَ تي چڙهڻ'؛ اهڙيءَ طرح 'اِي ڪم عاشقن' فقري مان مراد آهي اهو ڪم عاشقن جو آهي. سوريءَ اسم جي حالت جري آهي پر 'عاشقن' لفظ جي حالت اضافت آهي. |
| جتي ماٽڪَ ماڳُ، تتي چوران تڪيو.* | هن مصرع ۾ 'ماٽڪَ ماڳ' فقري ۾ 'ماٽڪَ' لفظ ۾ 'ڪ' حرف مٿان زبر جي استعمال مان مراد هيءَ آهي تہ اها زبر، زبر اضافت جو ڪارج ادا ڪري ٿي ۽ 'جو' حرف اضافت جي جاءِ تي ڪم آئي آهي. |

## اخذ ٿيندڙ نڪتو:

الانا صاحب جيڪي اشارا ڪيا آهن، ان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نسبت صرف 'زبر اضافت' جو ذڪر ڪيو آهي ۽ مثال گهڻي قدر پيرومل آڏواڻيءَ وارا ئي ڪم آندا

* هن قسم جون بناوٽون ڊاڪٽر ٽرمپ بہ پنهنجي سنڌي گرامر واري ڪتاب ۾ ڏنيون آهن. (ايڊيٽر)





اٿس؛ باقي ٻين جو ذڪر فارسيءَ جي نسبت سان ڪيو اٿس. بيشڪ لفظ 'ٽنده' جي سنڌي صورتخطي 'ٽنڊو' ٿئي ٿي، جڏهن تہ ان جي ترڪيب اضافت، فارسي انداز واري ٻيهي ٿي. دراصل اهڙن نڪتن جو ٻيهر اڀياس ٿيڻ گهرجي.

## واحد بخش شيخ:

اسم جي حالت اضافت جي تفصيلي وضاحت ڪندي، واحد بخش شيخ ڄاڻائي ٿو تہ: "جيڪڏهن ڪنهن اسم يا ضمير جي پٺيان حرف اضافت: جو، جي، سندو، سندي يا وارو، واري ايندو آهي ۽ ان جو ٻئي ڪنهن لفظ سان لاڳاپو ڏيکاريندو آهي تہ ان اسم يا ضمير جي حالت اضافت يا اضافي چئبي آهي. اضافي ترڪيب جا ٻہ ڀاڱا هوندا آهن: 1.مضاف ۽ 2. مضاف اليه. مضاف جي معنيٰ آهي اها شيءِ جنهن جو ٻئي ڪنهن شيءِ سان لاڳاپو هجي ۽ مضاف اليه جو مطلب آهي اها شيءِ جنهن سان ٻي شيءِ جو لاڳاپو ڏيکاريل هجي؛ مثلاً: 'ڪاغذ جي ٻيڙي' هن ترڪيب ۾ 'ٻيڙي' آهي مضاف ۽ 'ڪاغذ' آهي مضاف اليه. حالت اضافت جون ڇهہ مختلف صورتون آهن، جي هيٺ ڏجن ٿيون:

(الف) اضافت تمليڪي: تمليڪي اضافت واري جملي ۾ مضاف ۽ مضاف اليه جو تعلق مالڪي هوندو؛ مثلاً: بادشاه جو تخت، حڪومت جو ڪارخانو، منهنجو قلم، الله جو ٻانهو، دوست سندو در، طبيب واري دوا وغيره.

"عاشق، **معشوقن جو** وڻي ويهج رندُ"... شاه

"ڏيهہ ڏکيءَ **جو** ڏور، رهبر رسج رخ ۾"... سچل

(ب) اضافت ظرفي: جملي ۾ جيڪڏهن مضاف، مضاف اليه جو حصو هوندو يا ان ۾ سمايل هوندو يا ان جو اثر هوندو تہ مضاف اليه جي حالت اضافي ظرفي ٿيندي. ظرف معنيٰ آهي ٿانءُ، هنڌ يا جاءِ، جنهن ۾ ڪا شيءِ پيل يا سمايل هجي، مثلاً: گهر جو در، گل جي خوشبوءِ، ڪتاب جي ڳالهہ ۽ سياري جي ٿڌ وغيره.

"پاٽان چوندئي پيءُ، پري **جام جنت جو**".... شاه

"**سٺون سيپارن جون**، پڙهڻ ٿيون ثواب".... سچل

(ج) اضافت بياني يا توضيحي: جملي ۾ جيڪڏهن مضاف اليه ۽ مضاف جو لاڳاپو هوندو يا مضاف اليه، مضاف جي توصيف يا وضاحت ڪندڙ هوندو تہ ان



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

حالت ۾ مضاف اليه جي حالت اضافت بياني يا توضيحي ٿيندي؛ مثلاً: سون جي منڊي، رڪ جي ترار، مس جو داغ، جمع جو ڏينهن، دنبي جو گوشت، اپريل جو مهينو ۽ ڪراچيءَ جو شهر وغيره.

"**اکر پڙهه الف جو**، ٻيا ورق سڀ وسار"... شاهه
"ساجن توهان ڌار، **ڏنم ڏينهن قيام جو**".... سچل

(د) **اضافت ذاتي يا صفاتي:** جملي ۾ جيڪڏهن مضاف لفظ مضاف اليه جي خاصيت يا ذاتي وصف ظاهر ڪندڙ هوندو ته ان مضاف اليه جي حالت ڪي اضافت ذاتي يا صفاتي سڏبو؛ مثلاً: سج جي گرمي، چنڊ جي روشني، رات جي اونداهي، دنيا جي لذت، انسان جي ڪمزوري ۽ باهه جو تئو وغيره.

"**اوٻارا عنبير جا**، جر سان اچن جال".... شاهه
"آهي ڪو جو جهلي، **تکو تاب حسن جو**".... شاهه

(هه) **اضافت مجازي يا تشبيهي:** جملي ۾ جيڪڏهن مضاف ۽ مضاف اليه جي وچ ۾ لاڳاپو مجازي يا تشبيهي هوندو ته مضاف اليه جي حالت مجازي يا تشبيهي چئبي؛ مثلاً: اکين جي اڄ، دل جي ڪٽُ، قدرت جو هٿ، محبت جو مچ، ڏکن جو ڏاچ، غلاميءَ جو طوق وغيره.

"**اُلا جي عشق جا**، سي تان تون نه سهين"... شاهه
"**قاتل فوج حسن جي آئي**، ڪاهون ڪاهه ڪٽڪ"... سچل

(و) **اضافت نسبتي:** جملي ۾ جيڪڏهن مضاف ۽ مضاف اليه جي وچ ۾ ڪو نسبي يا نسلي رشتو ڏيکاريل هجي يا مضاف جي مضاف اليه سان ڪا نسبت ڄاڻايل هجي، ته ان مضاف اليه جي حالت اضافت نسبتي چئبي؛ مثلاً: الله جي مخلوق، ملڪ جو حاڪم، قوم جو سردار، سيٺ جو نوڪر، پيءُ جو پٽ وغيره.

"ڪچ ڪمايم ڪوڙ، **پڳم عهد الله جا**"... شاهه
"**تون گهٽين سندو گهوٽ**، مون ورُ تونهين تون"... شاهه[9]

**اخذ ٿيندڙ نڪتو:** شيخ صاحب عربيءَ جو خاصو ڄاڻو هيو ان لاءِ سندس ڪم ۾ عربيءَ نسبت تفصيلي وضاحت ملي ٿي. عام طالب علمن لاءِ اهو ڪجهه ديگهه ۾ شامل ٿي وڃي ٿو؛ البته، سندس ڏنل مثالن ۾ شاهه ۽ سچل سائينءَ جا بيت ساراهڻ جوڳا آهن. انگريزيءَ ۾ پڻ ساڳي حالت لاءِ به اصطلاح (Possessive and Genitive case)





ڪم ايندا آهن. Possessive ۾ صرف مالڪي ڏيکاريل هوندي آهي جڏهن ته Genitive ۾ صفاتي وغيره به اچي ويندا آهن. ان خيال کان شيخ صاحب جي وضاحت Genitive case واري آهي.

## شيخ محمد فاضل:

پروفيسر شيخ فاضل صاحب 'فارسيءَ جي زير اضافت ۽ سنڌيءَ جي زبر اضافت' واري هڪ تنقيصي/ تنقيدي مضمون ۾ اضافت واري ترڪيب تي ڪافي چنڊڇاڻ ڪئي آهي، پر ان جو علمي معيار ايترو پختو ڪونهي. لکيو اٿائين ته: "جناب الانا صاحب سنڌي گرامر ۾ هڪ نئين شيءِ ڳولهي لڌي آهي، جنهن ڪي پاڻ سنڌي ٻوليءَ جي 'زبر اضافت، نالو ڏنو اٿن ۽ ان جو فارسيءَ جي 'زير اضافت' سان رشتو ڳنڍيين ٿا."[10]

حقيقت ۾ جيڪڏهن فاضل صاحب، ڀيرومل آڏواڻيءَ جي ڄاڻايل مثالن ڪي غور سان پڙهن ها ته اهڙي راءِ نه ڏين ها. ڊاڪٽر الانا جي ڄاڻايل 'زبر اضافت' جو تصور اصل ۾ ڀيرومل آڏواڻيءَ جي مثالن مان ملي ٿو ۽ ان نڪتي جي معاملي ۾ الانا صاحب گهٽي قدر مثال به ڀيرومل آڏواڻيءَ جا ڪنيا آهن. البته، 'زبر اضافت' جو تشريحي اصطلاح ڊاڪٽر الانا ڪم آندو آهي. البته الانا صاحب جو اهو لکڻ ته: "قابل توجهه نڪتو هي به آهي ته سنڌي وياڪرڻ ۾ 'اَ' (زبر) اضافت جو مفهوم، هوبهو فارسي وياڪرڻ واري 'اِ' (زير) اضافت جهڙو آهي. سنڌي ۽ فارسيءَ جي هيءَ نسبت قديم مائٽيءَ يا اثر جو اهڃاڻ آهي."[11] وڌاءَ کان ڪم ورتو ويو آهي؛ ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻوليءَ ۾ اضافت جو تصور رڳو 'زبر' نه پر ٻين سُرن (Vowels) مان به ملي ٿو.

پروفيسر فاضل، الانا صاحب جي ڄاڻايل اضافت واري ترڪيب جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته: "... مطلب ته ايئن ڪٿي چئجي ته ڳالهائڻ جا ڪهڙا ڪهڙا لفظ گڏجي مرڪب لفظ ناهين ٿا. انهن لفظن ڪي هڪٻئي ۾ ملائڻ يا جوڙڻ جي ترتيب ڪهڙي آهي، يعني ڪهڙا ڪهڙا لفظ پهرئين جز ۾ ۽ ڪهڙا ڪهڙا لفظ پوئين جز جي صورت ۾ مرڪب لفظ ناهڻ ۾ ڪم اچن ٿا. مثال طور: /گهرَ ڏٺي/ مرڪب لفظ ۾ مفرد لفظ /گهر/ اڳ ۾ يعني پهرئين جز جي حيثيت ۾ ۽ /ڏٺي/ لفظ پوءِ، يعني پوئين جز جي حيثيت ۾ ملايا وڃن ٿا. ٻنهي مفرد لفظن جي گڏجڻ کان اڳ، مفرد لفظ /گهر/ جو پويون سُر صوتيه /اُ/ بدلائي /اَ/ ٿو ڪجي، پوءِ ان جي پويان ڏٺي لفظ ملائجي ٿو ...



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جيڪڏهن مرڪب لفظ جي جڙڻ واري ترتيب ۾ ڦير گهير آڻي /گهرَ ڏٽي/ جي بدران /ڏٽي گهر/ يا /ڏٽيءَ گهر/ چئبو يا لکبو ته پوءِ پوين ٻنهي لفظن مان اها معنيٰ يا مراد هرگز نٿي نڪري جيڪا /گهر ڏٽي/ مرڪب مان نڪري ٿي.“[12]

پروفيسر فاضل، ڊاڪٽر الانا صاحب جي ان اصول تي تنقيد ڪندي لکي ٿو ته: ”ڊاڪٽر الانا صاحب کي ’گهرَ ڏٽي‘ مرڪب ۾ ’گهرُ‘ لفظ جو آخري صوتيو بدلائڻ ته ياد اچي ٿو، پر ٻيا اهي لفظ جن ۾ اضافت ڪم آيل يا سمايل آهي. تن جي وضاحت ڪير ڪندو؟ جيڪڏهن ’گهر ڏٽي‘ بدران ’پٽ ڏٽي‘، ’روضي ڏٽي‘، ’سيج ڏٽي‘ يا ٻيو ڪو اهڙو مرڪب، جنهن جي پهرئين مفرد لفظ جي آخري اکر تي پيش بدران زبر، زير يا عام صورت وارو ’ياءِ‘ ڪم آيل هجي ته پوءِ اتي پهرئين جز جي آخري سُر صوتيي مٽائڻ جي ڪهڙي ضرورت پوندي؟“[13]

اصل ۾ ڊاڪٽر الانا ’زبر اضافت‘ جي ئي ڳالهه ڪئي آهي ۽ جهڙوڪر هڪ اصولي طريقه ڪار جي ڳالهه ڪئي آهي. ان صورت ۾ اهڙي تنقيص نه ٿي ڪري سگهجي ته ” ’گهرَ ڏٽي‘ مرڪب ۾ ’گهرُ‘ لفظ جو آخري صوتيو بدلائڻ ته ياد اچي ٿو، پر ٻيا اهي لفظ جن ۾ اضافت ڪم آيل يا سمايل آهي. تن جي وضاحت ڪير ڪندو؟“

پروفيسر فاضل کي جيڪڏهن ڪم ڪرڻو هو ته ساڳئي اصول کي وٺي اڳتي ڪم ڪري ها، اهوئي طريقو هوندو آهي تنقيد ۽ تحقيق جو!

اصل ۾ ڊاڪٽر الانا جي ڳالهه ڪرڻ جو رخ جابجا درست آهي، جنهن کي پروفيسر فاضل درست سمجهي نه سگهيو آهي. ڊاڪٽر الانا ’/گهرَ ڏٽي/ جي بدران /ڏٽي گهر/ يا /ڏٽيءَ گهر/‘ ۾ مراد جي تبديليءَ جي ڳالهه ڪئي آهي، جيڪا بلڪل درست آهي. جيئن ته /گهرَ ڏٽي/ يا / ڏٽيءَ گهر/ ترڪيب ۾ ’زبر اضافت‘ ته آهي، ليڪن ٻئي سنڌي ترڪيبون آهن ۽ فارسي ترڪيب سان نه ٿيون جڙن. البت، مراد ۾ فرق اهو ٿئي ٿو ته پهرين ترڪيب ۾ ’مضاف اليه‘ اڳ ۾ آهي ۽ ٻي ترڪيب ۾ ’مضاف‘ اڳ ۾ آهي. ’گهرَ ڏٽي‘ مان مراد ’گهر جو ڏٽي/ مالڪ‘ ۽ / ڏٽيءَ گهرُ/ مان مراد ’ڏٽيءَ جو گهر‘ آهي، ظاهر آهي ته پهرين ترڪيب ۾ ’ڏٽي‘ ۽ ٻيءَ ۾ ’گهر‘ کي مرڪوز ڪيو ويو آهي.

### اخذ ٿيندڙ نڪتو:

پروفيسر فاضل جي جرح مان اها ڳالهه واضح طور تي ملي ٿي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ اضافت جو تصور نه رڳو ’ا‘ (زبر) مان پر ٻين سُرن مان به ملي ٿو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





### اضافت مرڪب (مرڪب لفظ ۾ اضافت جو تصور هجڻ):

عالمن جي پوري اڀياس مان اهو اخذ ٿئي ٿو ته ٻوليءَ ۾ انهن مالڪي ڏيکاريندڙ لفظن جي بدران ’سُرن‘ (vowels) کان پڻ ڪم ورتو ويندو آهي؛ جنهن کي مرڪب لفظ يا ’اضافت مرڪب‘ چئي سگهجي ٿو. اهڙو انداز مڙني ٻولين ۾ ڏسي سگهجي ٿو:

In English:

Aslam's attitude (Attitude of Aslam)

Father's name (Name of father)

Cow's milk (Milk of cow) etc.

Use of apostrophe if plural ends in 's'

Clerks' office (office of clerks)

Advocates' bar (Bar of advocates)

Teachers' room (Room of teachers)

انگريزيءَ ۾ Apostrophe سان مرڪب لفظ ڪم آندا ويندا آهن، جيڪي اضافت جو ڪم ڪندا آهن. ان کان سواءِ به مرڪب لفظ اضافت جي نسبت استعمال ٿيندا آهن، جن جا هيٺ مثال ڏجن ٿا:

Without any extra vowel or punctuation for possession

College affairs (Affairs of college)

Human problems (Problems of human)

School dictionary (Dictionary of school) etc.

فارسي ۽ عربي اهڙيون ٻوليون آهن، جن ۾ حرف اضافت جي حوالي سان ڪو خاص لفظ استعمال ڪونه ٿيندو آهي. فارسيءَ ۾ ’زير اضافت‘ ڪم آندي ويندي آهي، جڏهن ته عربيءَ ۾ پڻ زير اضافت جو تصور آهي ليڪن ان جا به الڳ اصول آهن. عربي ۽ فارسيءَ جي مرڪب اضافت (مضاف ۽ مضاف اليه) ۾ هڪ خاص فرق اهو به هوندو آهي ته فارسيءَ ۾ ’مضاف‘ تي زير هوندي آهي، جڏهن ته عربيءَ ۾ ’مضاف اليه‘ تي زير هوندي آهي. لفظي ترڪيب جي لحاظ کان عربي يا فارسيءَ ۾ پهرين مضاف ۽ پوءِ مضاف اليه ايندو آهي؛ ليڪن سنڌي ٻوليءَ جي نسبت پهرين مضاف اليه پوءِ مضاف ايندو آهي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

### فارسيءَ ۾:

طالبِ زر (زر جو طالب)

راهِ رسول (رسول جي راھ)

ديوانِ قليچ (قليچ جو ديوان)

طالبِ علم (علم جو طالب)

### عربيءَ ۾:

عبدُاللهِ (الله جو عبد/ ٻانهو)

علمُ الانسانِ (انسان جو علم)

لغتُ القرآنِ (قرآن جي لغت)

طالبُ العلمِ (علم جو طالب)

(نوٽ: سنڌيءَ ۾ اهڙن لفظن جي آخري سُر (last vowel) کي ٻوليءَ جي نسبت سان اچاريو ويندو آهي، جيئن: علم الانسانُ، لغت القرآنُ يا طالب العلمُ)

### اردوءَ ۾:

فارسي يا عربيءَ ۾ ظاهري ’حرف اضافت‘ جو تصور ڪونهي. اردوءَ ۾ گهڻي قدر فارسيءَ واريءَ ’زير اضافت‘ ڪم آندي ويندي آهي، ليڪن ڪن ڳالهين ۾ پوءِ بہ ان ٻوليءَ کي پنهنجي بنيادي ٻوليءَ ڏانهن ڇڪ ڪرڻي پوندي آهي (ياد رهي تہ اردو ٻوليءَ جو بنيادي ڍانچو هنديءَ وارو آهي، ليڪن صَرف جي خيال کان ان ۾ فارسي ۽ عربي ٻوليءَ جي لفظن جا زيور پارايل آهن): جيئن: اسلم کی کتاب، مہران کا گھر، سندھڑی کے آم وغیرہ۔ انهن جملن ۾ فارسي ترڪيب نہ ٿي آندي وڃي يا نہ ٿي ڪم آڻي سگهجي. يعني عام ٻوليءَ ۾ هنن کي پنهنجي بنياد جو ئي سهارو وٺڻو پوندو آهي ۽ حرف اضافت: ’کا، کے، کی‘ وغيره استعمال ڪئي وڃي ٿي.

حرف اضافت مان مراد مالڪي ڏيکاريندڙ لفظ هوندا آهن: جيئن: جو، جا، جي، جون، سندو، وارو وغيره. مختلف ٻولين ۾ ’حرف اضافت‘ جي بدران سُرن کان يا ان کان سواءِ عام ترڪيب کان بہ ڪم ورتو ويندو آهي: ليڪن هتي صرف سنڌيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ ’سُر اضافت‘ (Genitive vowels) جو اڀياس مقصود آهي، جنهن جا ڪافي روپ ٿين ٿا. اهڙو اڀياس هيٺ پيش ڪجي ٿو:





### سنڌي ٻوليءَ ۾ اضافت مرڪب جو جائزو (حرف اضافت کان سواءِ):

عام طور سنڌي ٻوليءَ ۾ زير اضافت جو استعمال فارسيءَ جي اثر کان ٿئي ٿو: جهڙوڪ: حالِ دل (دل جو حال)، زلفِ حور (حور جا زلف)، حبِ وطن (وطن جي حب)، خانہِ ڪاشف (ڪاشف جو خانو/ گهر)، ساقيءِ ڪوثر (ڪوثر جو ساقي)، طالبِ زر (زر جو طالب)، قدرتِ قادر (قادر جي قدرت)، نسيمِ صبح (صبح جي نسيم/ هير)، باغِ ارم (ارم جو باغ) وغيره.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ’زير اضافت‘ کان سواءِ ڪي اضافت مرڪب جا لفظ اهڙا بہ ملن ٿا، جن ۾ پهرين ’مضاف‘ ۽ بعد ۾ ’مضاف اليه‘ اچي ٿو جن مان اندازو ٿئي ٿو تہ اهي فارسي ترڪيب جي اثر سبب تبديل ٿيا هوندا: جيئن: پڌِعيدن (عيدن جو پڌُ)

ان کان علاوه سنڌي ٻوليءَ ۾ مرڪب لفظن جا اهڙا تصور بہ آهن جيڪي ’فارسي زير اضافت‘ کان سواءِ سنڌي سنئين ’زير‘ سان بہ ڪم ايندا آهن، جن کي ’سنڌي زير اضافت‘ چئي سگهجي ٿو: اهڙا مثال نوٽ ڪري سگهجن ٿا:

❋ ’اِ‘ سر ۾ اضافت جو تصور (حرف اضافت جي بدران زير)

| اضافت مرڪب | اڪيڙ (حرف اضافت سان) | تبديلي (حرف اضافت کان) |
|---|---|---|
| دلِ گهُريو★ | دل جو گهُريو | اِ + جو > اِ |
| جوءِ پيڪا | جوءِ جا پيڪا | اِ + جا > اِ |
| ڪترِ مشين | ڪتر جي مشين | اِ + جي > اِ |
| بدِ نظر | بدِ واري/ جي نظر | اِ + جي > اِ |
| سردارنِ سردار | سردارن جو سردار | اِ + جو > اِ |

❋ ’اِن‘ گهڻي سر ۾ اضافت جو تصور (حرف اضافت جي بدران گهٽائپ واري زير)

| اضافت مرڪب | اڪيڙ (حرف اضافت سان) | تبديلي (حرف اضافت کان) |
|---|---|---|
| اهڙو ڪو لفظ ملي ڪونہ ٿو. | | |

❋ ’اَ‘ سر ۾ اضافت جو تصور (حرف اضافت جي بدران زبر)

★ هن قسم جي لفظن ۾ اڳ ۾ ئي زير يا اِ سُر موجود آهي، ان ڪري ڪو واڌارو ٿيل ڪونهي. (ايڊيٽر)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌي ٻوليءَ ۾ ’زبر اضافت‘ جو تصور پيرومل آڏواڻيءَ جي ڄاڻايل مثالن مان ملي ٿو، جنهن کي بعد ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا نمايان ڪيو آهي.(14)

### ’اَن‘ گهٽي سر ۾ اضافت جو تصور (حرف اضافت جي بدران گهٽائيپ واري زبر)

| اضافت مرکب | اکيڙ (حرف اضافت سان) | تبديلي (حرف اضافت کان) |
|---|---|---|
| گهوٽَ ماءُ | گهوٽ جي ماءُ | اَ + جي > اَ |
| گهوٽَ پيءُ | گهوٽَ جو پيءُ | اَ + جو > اَ |
| مالَ پڙِي | مالَ جي پڙي | اَ + جي > اَ |
| خانَ واهڻ | خانَ جو واهڻ | اَ + جو > اَ |
| حالَ پائي | حال جو پائي | اَ + جو > اَ |
| هٽَ واڻيو | هٽ جو واڻيو/ واپاري | اَ + جو > اَ |
| الهَ ڏنو | اللهَ جو ڏنو/ ڏنل | اَ + جو > اَ |
| نڙَ بيت | نڙَ جا بيت | اَ + جا > اَ |
| نانگَ ڪاڏل | نانگَ جو ڪاڏل | اَ + جو > اَ |
| رتَ ڦڙو | رتَ جو ڦڙو | اَ + جو > اَ |
| موهنَ دڙو | موهن جو دڙو | اَ + جو > اَ |
| ربَ رکيو | ربَّ جو رکيو/ رکيل | اَ + جو > اَ |
| رنَ مريد | رنَ جو مريد | اَ + جو > اَ |
| اسرَ ويل | اسرَ جي ويل | اَ + جي > اَ |
| ڇپرَ ڇانوَ | ڇپر جي ڇانوَ | اَ + جي > اَ |
| هٿَ ٺوڪيا | هٿ جا ٺوڪيا/ ٺوڪيل | اَ + جا > اَ |
| ڏاندَ گاڏي | ڏاند جي گاڏي | اَ + جي > اَ |
| ڪاڪَ ڪنڌي★ | ڪاڪَ جي ڪنڌي | اَ + جي > اَ |
| مکڻَ چاٽو | مکڻَ جو چاٽو | اَ + جو > اَ |
| لوڻَ چپٽي | لوڻَ جي چپٽي | اَ + جي > اَ |
| گهرَ نائي | گهرَ جو نائي | اَ + جو > اَ |

★ لفظ ڪاڪ جي وئين ڪاف ۾ ايندڙ زير (يا اِ سر) تبديل ڪانہ ٿيندي آهي. حرف اضافت يا سُر اضافت سان اهڙن لفظن ۾ ڪو ڦيرو ڪونہ ايندو آهي جيئن: ’اک جي ماڻڪي‘، ’دِل جو سور‘ وغيره. (ايڊيٽر)





| | | |
|---|---|---|
| ٿپالَ گهر | ٿپالَ جو گهر | اَ + جو > اَ |
| سمَرَ نالو | سمَرَ جو نالو | اَ + جو > اَ |
| جادو نگري | جادوءَ جي نگري | اَ + جي > اَ |
| نظرَ چُڪ | نظرَ جي چُڪ | اَ + جي > اَ |
| هنيانوَ جهَل | هنيانوَ جي جهَل | اَ + جي > اَ |
| مانيءَ ڳپيو | مانيءَ جو ڳپيو | ءَ/ اَ + جو > اَ |
| رتيءَ برابر | رتيءَ جي برابر | ءَ/ اَ + جي > اَ |
| پاٽيءَ ڏُڪ | پاٽيءَ جو ڏُڪ | ءَ/ اَ + جو > اَ |
| ماڪيءَ لارَ | ماڪيءَ جي لارَ | ءَ/ اَ + جي > اَ |
| منوءَ ماءُ | منوءَ جي ماءُ | ءَ/ اَ + جي > اَ |
| پوليءَ ٿپَ | پوليءَ جا ٿپ | ءَ/ اَ + جا > اَ |
| ڌرتيءَ ڏٽي | ڌرتيءَ جا ڏٽي | ءَ/ اَ + جا > اَ |

### ’اُ‘ سر ۾ اضافت جو تصور (حرف اضافت جي بدران پيش)

| اضافت مرکب | اکيڙ (حرف اضافت سان) | تبديلي (حرف اضافت کان) |
|---|---|---|
| سونهَن ديوي★ | سونهَن جي ديوي | اَن + جي > اَن |
| منهَن پِر | منهَن جي پِر | اَن + جي > اَن |

سنڌي ٻوليءَ ۾ فارسي ترڪيب موجب لفظ سامهون اچن ٿا، جن ۾ اڳيان ’مضاف‘ اچي ٿو ليڪن ان جي صورت سنڌي ئي آهي، ان اهڙي ترڪيب کي بہ فارسيءَ جو اثر چوڻ مناسب ناهي؛ جيئن: سرُ سسئي (سسئيءَ جو سرُ) وغيره. ان هوندي بہ ٺيٺ سنڌي ترڪيب يعني پنيان ’مضاف‘ هجڻ واري ترڪيب بہ سامهون اچي ٿي:

| اضافت مرکب | اکيڙ (حرف اضافت سان) | تبديلي (حرف اضافت کان) |
|---|---|---|
| پيشُ لفظ | پيشَ (اڳ) جو/ وارو لفظ | اَ + جو/ وارو > اُ |
| ويمُ گهر | ويمَ جو گهر | اَ + جو/ وارو > اُ |
| سنڌُ راڻي | سنڌ جي راڻي | اُ + جي > اُ |
| جڳُ مشهور | جڳَ جو مشهور | اَ + جو > اُ |

★ ’سونهن‘ ۽ ’مُنهن‘ لفظن جي آخر ۾ اڳيئي گهٽو سُر زبر سان آهي، انهن ۾ ڪو بہ اضافي سُر استعمال نٿو ٿئي. (ايڊيٽر)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

### ’اُن‘ گهٽي سر ۾ اضافت جو تصور (حرف اضافت جي بدران گهٽائپ وارو پيش)

| اضافت مرکب | اکيڙ (حرف اضافت سان) | تبديلي (حرف اضافت کان) |
|---|---|---|
| منهُن پاٽي | منهَن جو پاٽي | اَن + جو > اُن |

### ’آ‘ ڊگهي سر ۾ اضافت جو تصور (حرف اضافت جي بدران مد)

| اضافت مرکب | اکيڙ (حرف اضافت سان) | تبديلي (حرف اضافت کان) |
|---|---|---|
| سچا گفتا★ | سچ جا گفتا | اَ + جا > آ |
| شڪيلا ماءُ | شڪيلا جي ماءُ | اَ + جي > آ |

### ’آن‘ ڊگهي گهٽي سر ۾ اضافت جو تصور (حرف اضافت جي بدران گهٽائپ وارو مد)

| اضافت مرکب | اکيڙ (حرف اضافت سان) | تبديلي (حرف اضافت کان) |
|---|---|---|
| اهڙو ڪو لفظ ڪونہ ٿو ملي ... | | |

### ’اي‘ سر ۾ اضافت جو تصور (حرف اضافت جي بدران يي مجهول)

| اضافت مرکب | اکيڙ (حرف اضافت سان) | تبديلي (حرف اضافت کان) |
|---|---|---|
| گهوڙي لت | گهوڙي جي لت | اي + جي > اي |
| اٽي لپ | اٽي جي لَپ | اي + جي > اي |
| ڏيئي وٽِ | ڏيئي جي وٽ | اي + جي > اي |
| ڪاڪي پوٽا/ ڪاڪيپوٽا | ڪاڪي جا پوٽا | اي + جا > اي |
| سرمي داڻي | سرمي جي داڻي | اي + جي > اي |
| مٽي ڍڪ | مٽي جو ڍڪ | اي + جو > اي |
| ڏاڍي ديري | ڏاڍي جي ديري | اي + جي > اي |
| ڊگهي پير | ڊگهي جو پير | اي + جو > اي |
| ٻچيداني | ٻچي جي داني | اي + جي > اي |
| ڳپي ٽڪر | ڳپي جو ٽڪر | اي + جو > اي |

★ ’سچا گفتا‘ جي متبادل معنيٰ اکيڙ ۾ ’سچ جا گفتا‘ ڪئي وئي آهي، اُتي ’سچا‘ لفظ صفت طور ڪم آندل آهي، نہ ڪي اضافت خاطر. (ايڊيٽر)





| | | |
|---|---|---|
| ڪتي مک | ڪتي جي مک | اي + جي > اي |
| جمعي نماز | جمعي جي نماز | اي + جي > اي |
| روضي ڏٽي | روضي جو ڏٽي | اي + جو > اي |

### ’اين‘ گهٽي سر ۾ اضافت جو تصور (حرف اضافت جي بدران گهٽائپ واري يي مجهول)

| اضافت مرکب | اکيڙ (حرف اضافت سان) | تبديلي (حرف اضافت کان) |
|---|---|---|
| ڏندين ڏاند | ڏندن وارو ڏاند (پاٽيرو) | اَن + وارو > اين |

### ’اِي‘ سر ۾ اضافت جو تصور (حرف اضافت جي بدران يي معروف)

| اضافت مرکب | اکيڙ (حرف اضافت سان) | تبديلي (حرف اضافت کان) |
|---|---|---|
| اسڪولِي ٻارُ | اسڪول جو ٻارُ | اَ + جو > اِي |
| ٻاراڻِي حرڪت | ٻارن جي/ واري حرڪت | اَنَ + جي > آڻ + اِي |
| سنڌِي ٻولي | سنڌ جي ٻولي | اُ + جي > اِي |
| وڏيرڪِي ونگار | وڏيرن جي ونگار | اَنَ + جي > ڪ+ اِي |
| ڏيهي سيٺ | ڏيهہ جا سيٺ | اَ + جا > اِي |
| برساتِي رُت | برسات جي رُت | اِ + جي > اِي |
| ڏوٻي گهاٽ | ڏوٻيءَ جو گهاٽ | ءَ/ اَ + جو > اِي |
| ڏٽِي بخش | ڏٽِيءَ جي بخشش | ءَ/ اَ + جي > اِي |

### ’اِين‘ گهٽي سر ۾ اضافت جو تصور

فارسي ترڪيب ۾ ’زير اضافت‘ کان علاوه ’اِين‘ پڇاڙي بہ صفاتي ترڪيب ۾ ’اضافت‘ جو ڪم ڪندي آهي. ان صورت ۾ ان کي ’اِين‘ پڇاڙيءَ واري اضافت ۾ ڳڻي سگهجي ٿو، جيئن: زمردين چادر (زمرد جي/ واري چادر).

سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ اهڙي صفاتي اضافت واري ترڪيب ملي ٿي، جنهن ۾ اضافت جو تصور ملي ٿو، جيئن:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**اِين‘ گهٽي سر ۾ اضافت جو تصور (حرف اضافت جي بدران گهٽائيپ واري يي معروف)**

| اضافت مرڪب | اڪيڙ (حرف اضافت سان) | تبديلي (حرف اضافت کان) |
|---|---|---|
| پھرِين تاريخ★ | پھرينءَ جي تاريخ | ءَ/ اَ + جي > اِين |
| هيٺِين اخبار | هيٺِ واري/ جي اخبار | اِ + واري > اِين |

**’اَي‘ سر ۾ اضافت جو تصور (حرف اضافت جي بدران يي لِين)**

| اضافت مرڪب | اڪيڙ (حرف اضافت سان) | تبديلي (حرف اضافت کان) |
|---|---|---|
| اهڙو ڪو لفظ ڪونھ ٿو ملي ... | | |

**’اَين‘ گهٽي سر ۾ اضافت جو تصور (حرف اضافت جي بدران گهٽائيپ واري يي لِين)**

| اضافت مرڪب | اڪيڙ (حرف اضافت سان) | تبديلي (حرف اضافت کان) |
|---|---|---|
| اهڙو ڪو لفظ ڪونھ ٿو ملي ... | | |

**’او‘ سر ۾ اضافت جو تصور (حرف اضافت جي بدران)**

ڪنھن مرڪب لفظ ۾ ’او‘ سُر جي پڇاڙيءَ وارا ’مضاف‘ جو اشارو ڊاڪٽر غلام علي الانا ڏنو آهي جنھن ڪي هو فارسي ترڪيب جو بنياد ڪوٺي ٿو؛ جيئن: ٽنڊو آدم (آدم جو ٽنڊو)، پنو عاقل (عاقل جو پنو).(15)

ڊاڪٽر الانا جو اشارو ان حوالي سان وزنائتو آهي، جو سنڌي اضافت واري ترڪيب ۾ پھريان ’مضاف اليه‘ اچي ٿو ۽ بعد ۾ ’مضاف‘؛ جڏهن تہ ڄاڻايل مثالن ۾ پھريان ’مضاف‘ اچي ٿو، جنھن مان اهو امڪان جڙي ٿو تہ اهي لفظ اصل ۾ فارسي ترڪيب جا هوندا، پر بعد ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نسبت، ان ۾ تبديلي واقع ٿي هوندي. جيئن: ٽنڊه آدم > ٽنڊو آدم (ياد رهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي نسبت ’مختفي ه‘، ’حرف علت: ا، و، ي‘ ۾ تبديل ٿيندي آهي.

مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي، تہ سنڌي ٻوليءَ واري اضافت ترڪيب ۾ پھريان ’مضاف‘، بعد ۾ ’مضاف اليه‘ اچي ٿو؛ ان اصول هيٺ ’او‘ پڇاڙيءَ وارا ڪافي سنڌي ٻوليءَ جا لفظ سامهون اچن ٿا، جن ۾ اضافت جو تصور ملي ٿو. چند لفظ خيال خاطر رکجن ٿا:

★ ’پھرين تاريخ‘ ۾ اضافت جو بنھ ڪو مفهوم ڪونهي. عدد قطاريءَ جو استعمال صفت ۽ ظرف طور ٿيندو آهي، نہ ڪي اضافت طور. (ايڊيٽر)





| اضافت مرڪب | اڪيڙ (حرف اضافت سان) | تبديلي (حرف اضافت کان) |
|---|---|---|
| ٻاڪرو گوشت | ٻڪر جو گوشت | اَ + جو > آ + او |
| ڳائو ڇيٽو | ڳئونءَ جو ڇيٽو | ءَ/ اَ + جو > آ + او |

**’اون‘ گهٽي سر ۾ اضافت جو تصور (حرف اضافت جي بدران گهٽائيپ وارو واؤ مجهول)**

| اضافت مرڪب | اڪيڙ (حرف اضافت سان) | تبديلي (حرف اضافت کان) |
|---|---|---|
| ٻھائون گارو | ٻـھہ جو/ وارو گارو | اَ + جو > آ + اون |
| پھريون ڪتاب | پھرئين جو ڪتاب | اين + جو > اون |

**’اُو‘ سر ۾ اضافت جو تصور (حرف اضافت جي بدران واؤ معروف)**

| اضافت مرڪب | اڪيڙ (حرف اضافت سان) | تبديلي (حرف اضافت کان) |
|---|---|---|
| سنڌُو ديس | سنڌُ جو ديس | اُ + جو > اُو |
| گهرُو واسطو | گهر جو واسطو | اَ + جو > اُو |

**’اُون‘ گهٽي سر ۾ اضافت جو تصور (حرف اضافت جي بدران گهٽائيپ وارو واؤ معروف)**

| اضافت مرڪب | اڪيڙ (حرف اضافت سان) | تبديلي (حرف اضافت کان) |
|---|---|---|
| اهڙو ڪو لفظ ڪونھ ٿو ملي ... | | |

**’اَو‘ سر ۾ اضافت جو تصور (حرف اضافت جي بدران واؤ لِين)**

| اضافت مرڪب | اڪيڙ (حرف اضافت سان) | تبديلي (حرف اضافت کان) |
|---|---|---|
| ٻِوَ/ ٻِؤ مهل | ٻِوَ جي مهل | ءَ/ اَ +جي > اَو/ ؤَ |

**’اَون‘ گهٽي سر ۾ اضافت جو تصور (حرف اضافت جي بدران گهٽائيپ وارو واؤ لِين)**

| اضافت مرڪب | اڪيڙ (حرف اضافت سان) | تبديلي (حرف اضافت کان) |
|---|---|---|
| اهڙو ڪو لفظ ڪونھ ٿو ملي ... | | |

**نوٽ:** اڀياس هيٺ اهڙا لفظ بہ رکيا ويا آهن جن تي ’زيرن زبرن‘ جا امڪاني اختلاف بہ رهندا هجن، پر هي هڪ شروعاتي ڪوشش آهي، اميد تہ مهربان دوست رهنمائي ڪندا.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## نتيجو/ حاصل مطلب:

- حرف اضافت مان مراد اهڙو لفظ جيڪو اسم يا ضمير جي خاصيت، عمل يا ٻئي اسم جي وچ ۾ لاڳاپي ڏيکارڻ لاءِ حرف جر: 'جو'، 'جا'، 'جون' 'وارو' يا 'سندو' وغيره ڪم آندو وڃي؛ جيئن: الله جو ٻانهو، سياري جي ٿڌ، چنڊ جي روشني، ماڻهوءَ جو ڳالهائڻ وغيره.
- سنڌي ترڪيب اضافت ۾ پهريائين 'مضاف اليه' ۽ پوءِ 'مضاف' ايندو آهي، جڏهن ته عربي توڙي فارسيءَ ۾ پهريائين 'مضاف' ۽ پوءِ 'مضاف اليه'.
- سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙي ترڪيب جنهن ۾ زير اضافت ڪان سواءِ پهريائين 'مضاف' ۽ بعد ۾ 'مضاف اليه' اچي ٿو، تنهن کي فارسي يا عربي ترڪيب جو اثر چيو وڃي ٿو.
- عربي ۽ فارسيءَ ۾ 'حرف اضافت' وارن لفظن جو تصور ڪونهي، ان ڪارڻ 'زير اضافت' کان ڪم ورتو ويندو آهي؛ البته انهن جي استعمال جو فرق آهي: عربيءَ جي ترڪيب ۾ 'زير اضافت'، مضاف اليه تي هوندي آهي جڏهن ته فارسي ترڪيب ۾ 'مضاف' تي هوندي آهي.
- اردو ٻوليءَ جو بنيادي ڍانچو ساڳيو هندي وارو آهي، ان لاءِ ان ۾ پڻ 'حرف اضافت' (کا، کے، کی) جو تصور موجود آهي؛ البته فارسي ۽ عربيءَ جي صرف/ لفظن/ ترڪيبن جي اثر وٺڻ سبب 'زير اضافت' کان عام جام ڪم ورتو ويندو آهي.
- انگريزيءَ جي ترڪيب ۾ حرف اضافت (of) جو تصور هوندي به 'apostrophe' ۽ 's' کان به ڪم ورتو ويندو آهي؛ ان کان علاوه انهن ٻنهي کان سواءِ بغير ڪنهن اضافي سُر (vowel) وغيره جي پڻ اضافت جو مفهوم ورتو ويندو آهي.
- سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾ ڪنهن لفظ جي آخري سُر جي هڪ وياڪرڻي حيثيت آهي، ان ڪارڻ حرف اضافت کان سواءِ 'مضاف اليه' جو آخري سُر (Vowel) پڻ اضافت جو مفهوم رکندو آهي.
- اضافت جو مفهوم رکندڙ 'مضاف اليه' تي آخري سُر وارو تصور پهريائين پيرومل آڏواڻيءَ جي وضاحت ۾ ملي ٿو؛ جنهن کي بعد ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا ساڳين مثالن آڌار تي، 'زبر اضافت' واري تشريحي اصطلاح سان ڄاڻايو آهي.
- ايپاس مان واضح ٿيو آهي ته 'زبر اضافت' کان علاوه ٻيا سُر به سنڌي





ترڪيب اضافت (پهريان مضاف اليه ۽ پوءِ مضاف) ۾ ڪم اچن ٿا، جن ۾ چوٿن سُرن کان علاوه ڊگها سُر توڙي گهُٽا سُر شامل آهن؛ مثال طور: دلِ گهريو، رتَ ڦڙو، سونهَن ديوي، سنڌُ راڻي، منهُن پاڻي، سچا گفتا، اٽي لپ، ڏنڍين ڏاند، سنڌِي ٻولي، پهرين تاريخ، ٻاڪرو گوشت، ٻهاڻون گارو، گهرُو واسطو، ٻڍُ مهل وغيره.

## حوالا


1. ابڙو، عبدالرحيم، ارشد، 'رفيق گرامر'، انٽرنيشنل اڪيڊمي، هالا، 1986ع، ص: 21.
2. قليچ بيگ، مرزا، 'سنڌي وياڪرڻ'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2006ع، ص: 183.
3. آڏواڻي، پيرومل، مهرچند، 'وڏو سنڌي وياڪرڻ'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1985ع، ص: 52.
4. ساڳيو، ص: 52.
5. ساڳيو، ص: 53-54.
6. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 2010ع، ص: 57.
7. ساڳيو، ص: 57
8. ساڳيو، 58-59.
9. شيخ، واحد بخش، 'سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو'، ٻاڳو پهريون، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1986ع، ص: 200-207.
10. شيخ، محمد فاضل، پروفيسر، 'سنڌي صورتخطيءَ متعلق ڊاڪٽر الانا صاحب جي سفارشن تي هڪ نظر'، الحسيني ڪمپوزنگ سينٽر، سکر، 2006ع، ص: 50.
11. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو ايپاس'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1987ع، ص: 31.
12. شيخ، محمد فاضل، پروفيسر، 'سنڌي صورتخطيءَ متعلق ڊاڪٽر الانا صاحب جي سفارشن تي هڪ نظر'، الحسيني ڪمپوزنگ سينٽر، سکر، 2006ع، ص:50-51.
13. ساڳيو، ص: 54.
14. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 2010ع، ص:58.
15. ساڳيو، ص: 58.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair